روزاني
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
(جلد پهريون) آچر 29 جنوري 2023ع بمطابق 06 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 247

عمران خان جي بيانن سبب منهنجي پيءُ ۽ خاندان لاءِ خطرو وڌي ويو آهي: بلاول

عمران خان جي الزامن کي سنجيدگي سان وٺي رهيا آهيون، عمران خان جي بيانن منهنجي پيءُ ۽ خاندان لاءِ خطرو وڌي ويو آهي

دهشتگرد تنظيمن مون کي ۽ پارٽي کي سڌي ريت ڌمڪيون ڏنيون آهن، پيپلز پارٽي انهن الزامن تي عمران خان کي چئلينج ڪندي

عمران خان منهنجي پيءُ کي بندوق جي زور تي گرفتار ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني، عمران خان کي دهشتگردن جي سهولتڪاري جا دستاويز تاريخ جو حصو آهن

عمران خان خيبرپختونخواهه کي دهشتگرد تنظيمن جي حوالي ڪيو، اڄ تائين عمران خان جي پارٽي دهشتگرد گروپن کي فنڊنگ ڪري رهي آهي

جيڪڏهن مون تي، منهنجي والد يا پارٽي تي حملو ٿيو ته ان سڀني جو حساب ورتو ويندو، عمران خان کي سمجهڻ گهرجي ته هو ٻين تي اهي ۽ الزام نه ٿو لڳائي سگهي

سنڌس زال خواب آهي، عمران خان جي زال جا خواب عدالتن ۾ ثابت نه ٿي سگهن، عمران خان جا الزام غير منطقي آهن، خطرا وڌي ويا آهن: پرڏيهي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عمران خان جي الزامن کي سنجيدگي سان وٺي رهيا آهيون، عمران خان جي بيانن منهنجي پيءُ ۽ خاندان لاءِ خطرو وڌي ويو آهي، هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگرد تنظيمن مون کي ۽ پارٽي کي سڌي ريت ڌمڪيون ڏنيون آهن، پيپلز پارٽي انهن الزامن تي عمران خان کي چئلينج ڪندي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عمران خان منهنجي پيءُ کي بندوق جي زور تي گرفتار ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي، عمران خان ۽ سندس ساٿين کي دهشتگردن جي سهولتڪاري جا دستاويز تاريخ جو حصو آهن، عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪچن ملازمن کي پڪو ڪيو نه ته اسان حڪم جاري ڪنداسين: سنڌ هاءِ ڪورٽ

هڪ ڪان پندرهين گريڊ جي ڏيڍ هزار ملازمن کي پڪو ڇو نه ٿا ڪيو؟ جسٽس اقبال ڪلهوڙو ڪانٽريڪٽي ملازمن کي پڪو نه ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا

غريب ويچارا آپگهات پيا ڪن. آفيسر وري پنهنجن ماڻهن کي پيا نوازين، جيڪي ماڻهو پڪا ڪيا ويا، ڇا اهي آسمان تان پرين ڪٽي آيا هئا؟: عدالت

اڳوڻي ڊائريڪٽر غلط پرتيون ڪيون هيون (ڊائريڪٽر ڪريڪليم)، اهو ڊائريڪٽر هاڻي اي سي واري ڪمري ۾ آرام ڪندو هوندو: جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو

ويچارا غريب ملازم رلي رهيا آهن، اهو انصاف نه آهي ۽ اسان توهان کي ناانصافي ڪرڻ نه ڏينداسين، تن سالن جي ڪانٽريڪٽ تي توهان ملازم رکيا: عدالت

هنن جون عمريون وڌي ويون، هاڻي هو ڪٿان جا به نه رهيا، سيڪريٽري سان ويهي هن جو مسئلو حل ڪيو، توهان مسئلو حل نه ٿا ڪيو ته پوءِ اسان حڪم جاري ڪنداسين

پوءِ سڀني لاءِ مسئلو ٿي ويندو سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪچن ملازمن جي مستقلي بابت ڪيس جي ڪارروائي ٻن هفتن تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏنا آهن ته هڪ ڪان پندرهين گريڊ جي ڏيڍ هزار ملازمن کي پڪو ڇو نه ٿا ڪيو؟ جسٽس اقبال ڪلهوڙو ڪانٽريڪٽي ملازمن کي پڪو نه ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا ته غريب ويچارا آپگهات پيا ڪن. آفيسر وري پنهنجن ماڻهن کي پيا نوازين، جيڪي ماڻهو پڪا ڪيا ويا، ڇا اهي آسمان تان پرين ڪٽي آيا هئا؟ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

عمران پنهنجي حڪومت ٽوڙي هاڻي روئي پيو، سدائين روئيندو رهندو: مريم نواز

منهنجي پياري پاڪستانين، نواز شريف ڪان اسلام عليڪم، تمام جلد نواز شريف ملڪ جو عظيم ترين ليڊر آهي

الله تعاليٰ ڪان پوءِ نوازشريف، شهباز شريف ۽ اوهان جو شڪر گذار آهيان ته مون کي ذميواري ڏني: ن ليگ اڳواڻ

مان واعدو ڪريان ٿو ته پارٽي لاءِ ڪم ڪندي هڪ ڏينهن به ضايع نه ڪندس جيستائين قوم جي تقدير نه بدلي، قوم سان نه ويهندس

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز دعويٰ ڪئي آهي ته مسلم ليگ ن وڏي اڪثريت سان اليڪشن کٽيندي. مريم نواز ابوظهبي کان لاهور پهتي، مريم نوازجي استقبال لاءِ مسلم ليگ ن جي ڪارڪنن جو وڏو انگ لاهور ايئرپورٽ پهچي ويو، جتي ن ليگ جي سينيئر نائب صدر پڻ خطاب ڪيو لاهور ايئرپورٽ تي ڪارڪنن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر مريم نواز پريس ڪانفرنس ڪندي

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ بيچلرز آف سائنس ان ميڊيڪل ٽيڪنالاجي (بي ايس ايم ٽي) ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ بيچلرز آف سائنس ان ميڊيڪل ٽيڪنالاجي (بي ايس ايم ٽي) ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي جنهن ۾ 926 اميدوارن حصو ورتو. ڊائريڪٽر ايڊميشنز ڊاڪٽر فاطمه عابد ٻڌايو ته جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي تحت بيچلرز آف سائنس ان ميڊيڪل ٽيڪنالاجي (BSMT)4 سالا پروگرام جي 150 سيٽن تي داخلا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

غريبن کي دال به نه ملندي، ملڪ ۾ رڳو 15 ڏينهن جو ذخيرو بچيو

ڊالر جي قيمت ۾ واڌ باوجود اسان جا ڪنٽينر نٿا ڇڏيا وڃن: هول سيل ڊيلرز

دالين جا هزارين ڪنٽينر بندرگاهه تي ڦاٿل آهن ۽ مارڪيٽ ۾ دال جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي هول سيل واپارين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن بندرگاهه تي دالين کي فوري طور ڪليئرنس نه ملي ته سڄي ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آمريڪي فورسز جو صوماليا ۾ آپريشن

داعش جي سينيئر ڪمانڊر سميت ڏهه ڄڻا مارجي ويا: پرڏيهي ميڊيا

آمريڪي فورسز صوماليا جي ڏاکڻي علائقي ۾ قائم هڪ غار کي نشانو بڻايو

ڪراچي (م ڊ) صوماليا ۾ آمريڪي فورسز جي آپريشن ۾ داعش جي سينيئر ڪمانڊر بلال ال سوڊاني ڏهن ساٿين سميت مارجي ويو پرڏيهي خبررساں اداري موجب آمريڪي بچاءُ واري وزير لائيڊ آسٽن طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: نگران صوبائي وزير اطلاعات عامر مير پريس ڪانفرنس ڪندي

گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ليپروسي اسپتال منگهوپير جو دورو ڪيو

اسپتال جي حالت ڏسي تمام گهڻو افسوس ٿيو، ان حوالي سان قدم کڻنداسين، ان جي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا: ڪامران ٽيسوري

اسپتال کي بهتر بنائڻ لاءِ خانگي شعبي ۽ مخير حضرات جي مدد ورتي ويندي، مان هتي ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

پاڪستان مان هن وقت ان مرض جو مڪمل خاتمو ٿيڻ گهرجي، پاڪستان صحت سميت مختلف مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي: سنڌ جو گورنر

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ليپروسي اسپتال منگهوپير جو دورو ڪيو. ياد رهي ته اسپتال جي 125 سالن جي تاريخ ۾ گورنر جو هي پهريون دورو آهي. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان به گڏ هو. گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري اسپتال جي مختلف واردن ۾ ويو ۽ مريضن جي عيادت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي جي سينيئر صلاحڪار سيد انور الحيدر اداري جي ڪارڪردگي تي روشني وڌي

گذريل سال 164 هزار 174 شڪايتن جو ازالو ڪيو ويو، اهي هڪ مهيني ۾ 300 ڪان 400 ڪيس ٻڌن ٿا ۽ شڪايتون حل ڪن ٿا

وفاقي محتسب نظام تحت شڪايتن جو ازالو 60 ڏينهن اندر ڪيو ويندو آهي ۽ ان ڪان پوءِ ٽيهه ڏينهن اندر لاڳو ڪيو ويندو آهي: سيد انور حيدر

مسافرن خاص ڪري بين الاقوامي مسافرن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي ون ونڊو آپريشن شروع ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي محتسب جي 40 سال مڪمل ٿيڻ تي ڪراچي جي سينيئر صلاحڪار ۽ انچارج سيد انور الحيدر اداري جي ڪارڪردگي تي روشني وڌي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته گذريل سال 164 هزار 174 شڪايتن جو ازالو ڪيو ويو اهي هڪ مهيني ۾ 300 ڪان 400 ڪيس ٻڌن ٿا ۽ شڪايتون حل ڪن ٿا، هن وڌيڪ چيو ته وفاقي محتسب نظام تحت شڪايتن جو ازالو 60 ڏينهن اندر ڪيو ويندو آهي ۽ ان ڪان پوءِ ٽيهه ڏينهن اندر لاڳو ڪيو ويندو آهي. سيد انور حيدر چيو ته اسان جو مقصد عوام لاءِ سهولتون پيدا ڪرڻ ۽ انهن جا مسئلا جلد کان جلد حل ڪرڻ آهي. هن وفاقي محتسب جي قدمن بابت ٻڌايو ۽ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آصف علي زرداري خلاف عمران نيازي جا بي بنياد ۽ خطرناڪ الزام غير ذميوارانا آهن: شهباز شريف

اهڙي ڪِريل بيان بازي سياسي طور تي لاڳاپيل رهڻ جي ڪوشش آهي، سڄي قوم ڄاڻي ٿي ته هن اقتدار خاطر معاشري کي ورهائڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي نفرت جي سياست جو سهارو ورتو

تحريڪ انصاف چيئرمين ڪوڙا الزام مڙهي منهنجي ڪئبنيٽ جي حياتي خطري ۾ وڌي آهي، جيڪڏهن ٻي پارٽي يا مون تي حملو ٿيو ته ان جو حساب ورتو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان طرفان اڳوڻي صدر آصف زرداري خلاف بيان تي وزيراعظم شهباز شريف ميدان ۾ اچي ويو وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي ردعمل ۾ چيو آهي ته آصف علي زرداري خلاف عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان وفاقي وزير احسن اقبال ملاقات ڪندي

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪورنگي ۽ ابراهيم حيدري جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو

پ پ جي قومي اسيمبلي جو ميمبر آغا رفيع الله، صوبائي اسيمبلي جو ميمبر محمود عالم جاموٽ ۽ ٻيا پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ ساڻس گڏ هئا

انهن پنٽي پيل علائقن ۾ سنڌ حڪومت ڪراچي نيبر هوڊ امپرووميٽ پراجيڪٽ تحت ڪم ڪري رهي آهي: بيرسٽر مرتضيٰ وهاب

جنهن سان هتان جي خوبصورتي ۾ اضافو ٿيندو ۽ مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. انشاءَ الله ڪراچي جو اينڊز ميئر به جيالا هوندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي قانون بابت صلاحڪار بئريسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

توهين عدالت ڪيس: عمران خان ۽ خواجا آصف جي وڪيلن تي ڏنڊ

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اميد علي بلوچ عمران خان خلاف خواجا آصف جي هرجاڻي واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

خواجا آصف جي وڪيل جي ڀاڻيجي جي شادي ٿي رهي آهي، ان ڪري ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي: خواجا آصف جو وڪيل

ڪيس 11 سالن کان هلي رهيو آهي، اڄ ٻڌڻي جي موقعي تي ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي: جج جا رمارڪس

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ خواجا آصف جي پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست تي ٻنهي ڌرين جي وڪيلن تي ڏنڊ لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عمران خان پيرن جي گهرويو ۽ پيرڙي وٺي آيو: ڪيپٽن صفدر

نواز شريف سدائين سياست کان وڌيڪ رياست کي اهميت ڏني پر عمران خان پيرن جي گهرويو ۽ پيرڙي وٺي آيو

ڪارڪنن کي مريم نواز جي اچڻ سان اميد جو ڪرڻو نظر اچي رهيو آهي، نواز شريف سدائين سياست کان وڌيڪ رياست کي اهميت ڏني

اڄڪلهه خبرون اچي رهيون آهن ته فلاڻو پير عمران خان سان ملي ويو، عمران خان پيرن جي گهرويو ۽ پيرڙي وٺي آيو

لاهور (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر چيو آهي ته نواز شريف سدائين سياست کان وڌيڪ رياست کي اهميت ڏني پر عمران خان پيرن جي گهرويو ۽ پيرڙي وٺي آيو لاهور جي علائقي شام نگر جي يوسي 73 ۾ ورڪرز ڪنوينشن سان خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: ن ليگ اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر پريس ڪانفرنس ڪندي

زرداري تي قتل جي سازش جو الزام، عمران کي ليگل نوٽيس

اسلام آباد (م ڊ) آصف علي زرداري تي قتل ڪرائڻ واري الزام تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن چنجر تي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي قانوني نوٽيس موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي. گذريل ڏينهن عمران خان دعويٰ ڪئي هئي ته پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف زرداري کيس قتل ڪرڻ جي ٽئين سازش پويان آهي جنهن لاءِ اڳوڻي صدر "هڪ دهشتگرد تنظيم کي پئسا به ڏنا آهن". گڏيل نيوز ڪانفرنس ۾ پ پ جي سينيئر اڳواڻ نيئر بخاري، فرحت الله بابر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان

ڪراچي ۾ مغربي هوائن جي سسٽم سبب ٿڌي هوائن جو رخ تبديل ٿي سگهي ٿو

جنهن سبب 24 کان 36 ڪلاڪن دوران ٿڌ جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ 24 کان 36 ڪلاڪن دوران ٿڌ جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. موسميات جي تجزيه نگار جواد ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

فواد چوڌري جو 2 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور

عدالت فواد چوڌري کي ڪوهسار ٿاڻي جي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

2 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏنو ويو، فواد چوڌري کي هڪ ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏنو ويو: پراسيڪيوٽر

اسلام آباد (م ڊ) جوڊيشل مئجسٽريٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جو 2 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪوشش ناهي ته ملڪ بنانا ري پبلڪ بڻجي چڪو آهي: عمران خان

پي ٽي آءِ اڳواڻن کي هٿڪڙيون لڳائي ۽ مُنهن ڍڪي پيش ڪيو پيو وڃي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ملڪ بنانا ريپبلڪ بڻجي چڪو آهي

فواد چوڌري کي هڪ دهشتگرد جيان عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته امپورٽڊ حڪومت ۽ رياست ڪيتري حد تائين ڪِري چڪي آهي

اعظم سواتي ۽ شهباز گل سان به ائين ئي ڪيو ويو، ماڻهن ۾ ذهن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان هڪ بنانا ري پبلڪ بڻجي چڪا آهيون: اڳوڻو وزيراعظم

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ملڪ بنانا ريپبلڪ بڻجي چڪو آهي. فواد چوڌري جي عدالت ۾ پيشي جي ردعمل ڏيندي عمران خان چيو ته پي ٽي آءِ اڳواڻن کي هٿڪڙيون لڳائي ۽ مُنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

مونس الاهي جي گهرواري، پاءُ ۽ ڀين جي عبوري ضمانت منظور

لاهور (م ڊ) لاهور جي سيشن ڪورٽ مونس الاهي جي گهرواري طاهره الاهي، راسخ الاهي ۽ زارا الاهي جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. عدالت ايف آءِ اي کي 14 فيبروري تائين جوابدارن جي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو. عدالت جوابدارن کي هڪ لک جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت رمارڪس ڏيندي چيو ته انڪوائري مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

رياست گم ٿيل ماڻهن کي عدالتن ۾ پيش ڪري: لشڪري رئيساڻي

حڪومت کان مطالبو ٿو ڪيان ته شاگرد تنظيمن تان پابندي کڻي: اڳوڻو سينيٽر

شاگرد تنظيمن لاءِ قانون سازي ڪئي وڃي ۽ گم ٿيلن کي عدالت سامهون پيش ڪيو وڃي

پشاور (م ڊ) اڳوڻي سينيٽر لشڪري رئيساڻي چيو آهي ته رياست گم ٿيل ماڻهن کي عدالتن ۾ پيش ڪري. پشاور ۾ سيمينار سان خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد ايئرپورٽ تي مسافر جي پيٽ مان هيروئن سان ڀريل ڪيپسول نڪري آيا

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪارروائي ڪندي منشيات هٿ ڪئي وئي، اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي مسافر جي پيٽ مان هيروئن سان ڀريل 65 ڪيپسول هٿ

جوابدار پرڏيهي ايئرلائن جي اڏام مان ابوظهبي وڃي رهيو هو، هوڏانهن ڪراچي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي مسافر جي ٿيلهي مان 10 ڪيٽامائن انجيڪشنز هٿ آيون

رنگ روڊ پشاور ۾ سان خيبر واسي ٻن جوابدارن وٽان 12 ڪلو چرس هٿ آئي ڪوئيٽا ويسٽرن بائي پاس تي ڪار مان 21 ڪلو 850 گرام چرس هٿ ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد ايئرپورٽ تي مسافر جي پيٽ مان هيروئن سان ڀريل 65 ڪيپسول نڪري آيا. اينٽي نارڪوٽڪس ترجمان موجب ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪارروائي ڪندي منشيات هٿ ڪئي وئي. اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: تحريڪ انصاف جون ڪارڪن عورتون وڪٽري جو نشان ڏيکاريندي

وڏي تباهي ڪرڻ جو منصوبو ناڪام، انٽيليجنس ايجنسين آپگهاتي حملن جو نيٽ ورڪ پڪڙي ورتو

آپگهاتي حملي آورن جي دهشتگرد نيٽ ورڪ وٽان افغان موبائل سمون، منشيات ۽ ڪرنسي هٿ ڪئي وئي آهي: ذريعا

19 جنوري تي جمرود تخته بيگ چيڪ پوسٽ تي آپگهاتي حملي آور داخل ٿيو، حملي آور جي فائرنگ سان 3 اهلڪار شهيد ٿيا

فائرنگ ڪانپوءِ آپگهاتي حملي آور پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، سيڪيورٽي فورسز گولين جا خول ۽ جسم جا عضوا فرانزڪ لاءِ گڏ ڪيا

اسلام آباد (م ڊ) انٽيليجنس ايجنسين وقتائتي ڪارروائي ڪندي آپگهاتي حملن جو وڏو نيٽ ورڪ پڪڙي خيبر پختونخواهه کي وڏي تباهي کان بچائي ورتو انٽيليجنس ذريعن جو چوڻ آهي ته آپگهات حملي آورن جي دهشتگرد نيٽ ورڪ وٽان افغان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

مهانگائي جي طوفان سميت پاڪستان کي جيڪي مسئلا درپيش آهن: محمد حسين محنتي

انهن جو بنيادي سبب مغرب جي غلامي ۽ دين کان دوري آهي، حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ غلامانه پاليسين ملڪ جون پاڙون لوڏي ڇڏيون آهن

قرآن پاڪ جي بي حرمتي کان ويندي ڪشمير ۽ فلسطين ۾ انساني حقن جي پيچڪڙين ۽ مسلمانن سان ظلم مغرب جو منافقي وارو نقاب لاهي ڦٽي ڪيو آهي

اسلام ۽ پاڪستان هڪٻئي لاءِ لازم آهن. بينڪ بيلنس ۽ دولت سان نه بلڪ اصل ڪاميابي ديانداري ۽ آخرت جي ڪاميابي ۾ آهي: جماعت اسلامي جو اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي مهانگائي جي طوفان سميت پاڪستان کي جيڪي مسئلا درپيش آهن انهن جو بنيادي سبب مغرب جي غلامي ۽ دين کان دوري آهي. حڪمرانن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير محمد حسين محنتي جامعه منصوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ طاس معاهدو: ڀارت عالمي عدالت ۾ قانوني عمل روڪرائڻ لاءِ روايتي حربا استعمال ڪرڻ لڳو

اسلام آباد (م ڊ) ڀارت سنڌ طاس معاهدي کان ڀڄڻ لاءِ روايتي حربا استعمال ڪرڻ لڳو. عالمي بئنڪ جي ٽياڪڙي عدالت ۾ ڪيس ڪمزور ٿيڻ تي قانوني عمل روڪرائڻ جون ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن. ڪشن گنگا ۽ راتلي هائيڊرو پاور پراجيڪٽ رٿا جي تڪراري ڊيزائن واري معاملي تي اثرائتي دفاع جي غيرموجودگي ۾ نظر ايندڙ واضح شڪست ڏسي ڀارت هڪ ڀيروري ڀڄڻ جي تياري ڪري رهيو

سون کي بريڪ نه لڳي، مسلسل ٻئي ڏينهن هزارين رپيا مهانگو

في تولي سون جي قيمت ۾ 6 هزار 500 رپيا واڌ ٿي، قيمت ٻه لک 9 هزار رپيا ٿي وئي

اهڙي ريت 10 گرام سون 5 هزار 574 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 79 هزار 184 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ مسلسل ٻئي ڏينهن هزارين رپيا واڌ ٿي وئي. سنڌ سونارا بازار ايسوسيئيشن موجب في تولي سون جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پوليس آفيسرن جو احتساب، آءِ جي سنڌ وڏو بيان ڏئي ڇڏيو

اسٽريٽ ڪرائمز خلاف آفيسرن کي واضح هدايتون ڏئي چڪا آهيون: آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ

تازا پوليسنگ قدم اثرائتا ثابت ٿي رهيا آهن، ان عمل جي مانيٽرنگ ۽ علائقن جا دورا ڪري رهيو آهيان

ڪراچي (م ڊ) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته جيڪو پوليس آفيسر ڪارڪردگي نٿو ڏيکاري سگهي، اهو اهم پوسٽ جي لائق ناهي. آءِ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آغا سراج دراني پاران معطل ڪيل سينيئر اسپيشل سيڪريٽري محمد خان رند هڪ هفتي اندر بحال

سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ ۾ 50 ڪروڙن کان وڌيڪ رقم جي هيرا ڦيري الزام ۾ معطل بيوروڪريٽ کي سنڌ هاءِ ڪورٽ بحال ڪري ڇڏيو

اسپيشل سيڪريٽري محمد خان رند کي 21 جنوري تي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني 50 ڪروڙن جي ڪرپشن الزام ۾ معطل ڪيو هو

عدالت محمد خان رند کي ساڳئي عهدي تي ڪم جاري رکڻ جو حڪم ڏيندي سندس خلاف ڪنهن به ڪارروائي کان اسيمبلي جي انتظاميا کي منع ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) آغا سراج دراني پاران معطل ڪيل سينيئر اسپيشل سيڪريٽري محمد خان رند هڪ هفتي اندر بحال. سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ ۾ 50 ڪروڙن کان وڌيڪ رقم جي هيرا ڦيري الزام ۾ معطل بيوروڪريٽ کي سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لال حويلي خلاف متروڪ وقف بورڊ جي ڪارروائي چئلينج

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد وقف ملڪيتن تي لال حويلي خلاف ڪارروائي کي چئلينج ڪري ڇڏيو شيخ رشيد راولپنڊي جي سول جج نويد اختر جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي، جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته لال حويلي ۽ ڀرپاسي واري زمين جو ڪيس اڃا ٻڌڻي هيٺ آهي، لال حويلي مان نيڪالي جو نوٽيس ۽ ڪارروائي غير قانوني آهي، درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته وقف املاڪ جي غيرقانوني ڪارروائي خلاف حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: پيٽرول مهانگو ٿيڻ جي خبر ٻڌندي ئي پيٽرول پمپ تي موٽرسائيڪل وارن جي رش لڳل

مورو ۾ غيرقانوني پي ايس ٽي کان ايڇ ايس ٽي پروموشن خلاف احتجاجي مظاهرو

نويد مراد علي شاهه نفيس احمد سيال مقبول احمد سولنگي حاڪم علي نول ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

اڳ سيڪينڊري سائيڊ جي استادن جا پروموشن نه ٿيندا پراهو غيرقانوني عمل شروع ڪيو ويو آهي: مظاهرين

غيرقانوني پروموشن وارو عمل روڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ پوري سنڌ ۾ احتجاج شروع ڪيو ويندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو ۾ 2018 جي بي ايس ٽي جي استادن پاران شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ ٿيندڙ غيرقانوني پي ايس ٽي کان ايڇ ايس ٽي پروموشن خلاف مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي نويد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز: غيرقانوني پي ايس ٽي کان ايڇ ايس ٽي پروموشن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پريا روڊ ۾ ڪرنل خالد اعوان جو والد ملڪ شاهجهان اعوان لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پريارود المهراڻ غلا منڊي پريارود جي سابق صدر الاعوان اتحاد جي سابق جنرل سيڪريٽري ۽ سماجي اڳواڻ مرحوم احمد نواز اعوان ۽ ڪرنل خالد اعوان جو والد ملڪ شاهجهان اعوان ڪجهه عرصو بيمار رهڻ ڪان پوءِ ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو سندس مڙهه اباڻي ڳوٺ ملڪ شاهجهان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ پراڻن جيالن پاران گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

مخصوص اُئن سيٽن تي پيپلزپارٽي پراڻن ورڪرن کي نامزد ڪرڻ جو مطالبو

مخصوص سيٽون پراڻن ڪارڪنن کي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ميونسپل ڪميٽي بدين جي ڪائونسلرن جي مخصوص اُئن سيٽن تي پيپلزپارٽي جي پراڻن ڪارڪنن کي نامزد ڪيو وڃي ڪارڪنن طرفان پيپلزپارٽي جي اعليٰ ۽ ضلعي قيادت کي خط لکي مطالبو ڪري ڇڏيو تفصيل موجب گذريل پنجاهه سالن کان وٺي پارٽي سان وفا ڪندڙ ۽ قربانيون ڏيندڙ ڪارڪنن جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ بدين سٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ سنڌو انڊس لايرس فورم پاران ايوان صحافت هال ۾ سيمينار منعقد

۾ ڌارين آبادڪاري سبب سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن بابت سيمينار ڪوٺايو ويو

اسان هن حڪومتي اعلان تحت ڊجيٽل آدمشماري کي ڪوڙي آدم شماري سمجهون ٿا: پروفيسر اعجاز قريشي

غير سنڌين جا ٿاهيل ڊوميسائل رد ڪيا وڃن ۽ وڌيڪ ڊوميسائيل نه ٺاهيا وڃن: سيمينار کي خطاب

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌو انڊس لايرس فورم پاران ايوان صحافت هال بدين ۾ سنڌ ۾ ڌارين آبادڪاري سبب سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن کي ڪيئن روڪجي عنوان تحت ٿيندڙ سيمينار کي خطاب ڪندي سنڌ جي سماجي اڳواڻ ۽ اديب پروفيسر اعجاز قريشي چيو ته هن اهم مسئلي تي سنڌ جي سيني بار ڪائونسل ۽ بار ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: سنڌو انڊس لايرس فورم پاران منعقد سيمينار جو ڏيک

روهڙي ۾ ٻوڏ ۽ برسات متاثرن ۾ راشن گرم ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ورهائڻ جي تقريب

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ منهاج ويلفيئر فائونڊيشن طرفان ٻوڏ ۽ برسات متاثرن ۾ راشن گرم ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ مستحق ماڻهن شرڪت ڪئي تقريب ۾ 300 خاندانن ۾ راشن گرم ڪپڙا ۽ مختلف سامان ورهايو ويو آهي. ايڊووڪيٽ سيف پنگر ان سلسلي ۾ روهڙي جي ڪنڊار روڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي: اولڊ ٽائون ۾ گلستان هائوسنگ پروجيڪٽ جي الاٽيز جو قبضا مافيا خلاف مظاهرو

عورتون ۽ مرد ٽائرن کي باهيون ڏئي مک روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ٽريفڪ بند ٿي وئي، روڊ بلاڪ

احتجاج سبب سوين گاڏيون بيهجي ويون، بااثر قبضا مافيا ۽ چونڊيل نمائندن خلاف اپ ڌاريندڙ نعرا

روينيو ۽ چونڊيل نمائندن جي سرپرستي ۾ لينڊ مافيا قبضو ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين جون دانهون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي اولڊ ٽائون گلستان هائوسنگ پروجيڪٽ جي الاٽيز جو قبضا مافيا روينيو عملدارن خلاف مظاهرو ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو روڊ بند هجڻ سبب وڏي تعداد ۾ گاڏيون بيهجي ويون خبر موجب ڪراچي اولڊ ٽائون گلستان علي هائوسنگ پروجيڪٽ جي الاٽيز طرفان قبضا مافيا خلاف عورتن ۽ مرد ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ تي ڌرڻو هڻي ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽون ديرو ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي شهري ايڪشن ڪميٽي جو اجلاس

شهري ايڪشن ڪميٽي ۾ شامل سياسي سماجي ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن سميت شهرين ۽ ٻين جي شرڪت

مختلف اڳواڻن پاران شهر جي خراب صورتحال تي ۽ ڏينهن ڏٺي چوريون ڦريون قتلن تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو

اڳارو ڏينهن 31 جنوري تي پوليس جي خلاف ٺٽون ديرو جي الله واري چونڪ تي احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا: اڳواڻ

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) ٺٽون ديرو ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي شهري ايڪشن ڪميٽي جو ٺٽون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي ڪانفرنس هال ۾ اجلاس مقرر ڪيو ويو اجلاس جي صدارت شهري ايڪشن ڪميٽي جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽون ديرو: امن امان بابت شهري ايڪشن ڪميٽي پاران منعقد اجلاس جو ڏيک

مورو واسي اعوان برادري جو نوجوان روڊ حادثي ۾ فوت

مورو (رپورٽر) دستگير ڪالوني مورو واسي اعوان برادري جو نوجوان مورو قومي شاهراهه تان موٽرسائيڪل سوار گذري رهيو هو ته اچانڪ ٽرالر ٻويان زوردار ٽڪر هيون جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان احسن علي اعوان ولد قربان علي اعوان فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي اعوان برادري ۽ ڪيترائي شهري حادثي واري جاءِ تي پهتا جتي فوتي جا وارث /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ مختلف روڊن جا ڪم بااثر ٺيڪيدار اڪرم شيخ ڪميشن عيوض وڪرو ڪري ڇڏيا

اسڪيمون خريد ڪندڙ ٺيڪيدار نصرالله پنهور اسڪيمون مڪمل ڪري نه سگهيو ڳوٺاڻا سهولتن کان محروم بڻيل

ٺيڪيدار جي نااهلي خلاف ڳوٺاڻن ۽ سياسي و سماجي تنظيمن جي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

ناقص مٽيريل استعمال ڪندڙ ٺيڪيدار نصرالله پنهور ۽ کاتي جي عملدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز ضلعي اندر مختلف روڊن جا ڪم بااثر ٺيڪيدار اڪرم شيخ ڪميشن عيوض وڪرو ڪري ڇڏيا، اسڪيمون خريد ڪندڙ ٺيڪيدار نصرالله پنهور اسڪيمون مڪمل ڪري نه سگهيو ڳوٺاڻا سهولتن کان محروم بڻيل آهن ٺيڪيدار جي نااهلي خلاف ڳوٺاڻن ۽ سياسي و سماجي تنظيمن جي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو باگو ۾ نئين ٽهي جي اردو شاعر پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري زرقا هاليپوٽو، مروت هاليپوٽو، عوامي تحريڪ جو اڳواڻ لطيف هاليپوٽو ٻين جي شرڪت

سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهي جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، غريب طبقو سخت پريشان آهي: مقرر

سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا پاڻي جا قدرتي وهڪرا ٽوٽي آبپاشي نظام ۽ پوليس کاتو نظرئي نٿا اچن: زرقا هاليپوٽو

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) انجان گاڏي ۽ جي ٽڪر ۾ شهيد ٿيل سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ ۽ نئين ٽهي جي اردو شاعر پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جو ڳوٺ بچو هاليپوٽو ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ پاران تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن کي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري زرقا هاليپوٽو، مروت هاليپوٽو، عوامي تحريڪ جو اڳواڻ لطيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو باگو: پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي ياد ۾ منعقد تعزيتي ميڙاڪي کي مقرر خطاب ڪندي

ڏوڪري پريس ڪلب جو صدر محمد رمضان جوڻيجو گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري جو جهونو بهادر جاڪوڙي ڪردار سينئر صحافي ڏوڪري پريس ڪلب جو صدر محمد رمضان جوڻيجو گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. وارثن پاران وس واهه سندس جو علاج ڪرايو ويو آهي طبيعت ناساز هجڻ ڪري هو ايس آءِ يو ٽي چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻو زير علاج آهي ڊاڪٽرن موجب هو گڙدن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏوڪري پرسان درگاهه پير محمد شاهه متارو تي آيل زائرين لاءِ ڪيترين ئي سهولتن اڻ ليکي

مسافرن لاءِ آيل مسافر خانن ٽوڙي ٻيون سهولتون نه هجڻ جي ڪري عقيدتمند پريشان، درگاهه جي مزار جو ڪم رولڙي جو شڪار

مزار لاءِ ڪيترائي دفعا ايم پي اي سهيل سيال ۽ ايم پي اي حزب الله ٻگهيو کي چيو آهي پر تدارڪ ناهي ڪيو ويو: فقير غلام رسول

سرڪار کي گهرجي ته درگاهه محمد شاهه متارو تي آيل زائرين کي سهولتن سان گڏ مزار جو ڪم به ڪرائي ڏنو وڃي: مطالبو

ڏوڪري (رپورٽر) تعلقي ڏوڪري جي يونين ڪائونسل گاجيديرو ۾ قديمي درگاهه پير محمد شاهه متارو تي آيل زائرين لاءِ ڪيترين ئي سهولتن اڻ ليکي، مسافرن لاءِ آيل مسافر خانن ٽوڙي ٻيون سهولتون نه هجڻ جي ڪري عقيدتمند پريشان، پير محمد شاهه درگاهه جي مزار جو ڪم رولڙي جو شڪار، چندو ڪري در در وڃي درگاهه جو ڪم ڪرايو آهي سائين جي مزار لاءِ ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۽ آس پاس جي علائقن ۾ چورين جو آزار وڌي ويو

صحافي جي گهران 6 ٻڪريون چوري، هفتي اندر 8 کان وڌيڪ چوريون ٿي ويون

پوليس ڪک پڇي ٻيٺو نه ڪيو مالوندن ۾ بي چيني پڪڙيل نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ چورين جو آزار وڌي ويو ڪڏهن ويجهو صحافي جي گهران ڇهه ٻڪريون چوري هفتي اندر 8 کان وڌيڪ چوريون ٿي ويون سخت سردي ۾ چور فائدو وٺندي ماڻهن جي گهرن ۾ بيٺل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

شڪارپور ۾ ڪرياڻه مرچنٽ ايسوسيئيشن پاران تقريب جو انعقاد

تاجر برادري سان پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪندا رهندا سين: حاجي فائق ميمڻ

مرچنٽ ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري عبدالخالق سومرو سميت عهديدار ۽ ميمبر موجود هئا

شڪارپور (د ر) ڪرياڻه مرچنٽ ايسوسيئيشن پاران تقريب جو انعقاد ڪيو ويو، تاجر برادري سان پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪندا رهندا سين/ حاجي فائق ميمڻ خبر موجب: ڪرياڻه مرچنٽ ايسوسيئيشن شڪارپور پاران شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور: ڪرياڻه مرچنٽ ايسوسيئيشن پاران منعقد تقريب جو ڏيک

نوشهرو فيروز ۾ خانواهڻ ٿاڻي حد ۾ بدامني جي باهه برقرار

نئين آيل دبنگ ايس ايڇ او کي چورن جي دبنگ سلامي مٿان سلامي

دلشاد ٽيهو جي جنرل اسٽور جي دڪان جي ڇت ٽوڙي سامان ڀهاري ويا

خانواهڻ (عاجز امتياز نوح پوٽو) ضلع نوشهرو فيروز ۾ خانواهڻ ٿاڻي حد ۾ بدامني جي باهه برقرار، خانواهڻ پوليس ڌوهارين سان پاڳي پائيوار ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد اندر بدامني وڌي وئي

ايوب ڳوٺ مان هٿياربند ڊاڪٽر ولي محمد بگٽي کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر

ڪافي وقت مقرر ايس ايڇ او ولايت شاهه بدامني تي ڪنٽرول نه ڪرائي سگهيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد اندر بدامني وڌي وئي ايوب ڳوٺ مان هٿياربند ڊاڪٽر ولي محمد بگٽي کان موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڪافي وقت مقرر ايس ايڇ او ولايت شاهه بدامني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز سول اسپتال ۾ بلڊ ڊونيشن ڪئمپ قائم

ڪئمپ ۾ پيراميڊيڪل اسڪول جي شاگردن ڀرپور حصو ورتو

سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ربن ڪاٽي افتتاح ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي تعاون سان سول اسپتال نوشهرو فيروز جي پيراميڊيڪل اسڪول ۾ مرحوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز: سول اسپتال ۾ بلڊ ڊونيشن ڪئمپ قائم ڪئي وئي

ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

ٻڌڻي جي دوران فريادي ڏُرام رباب چانڊيو ۽ پرويز چانڊيو عدالت نه پهتا

جج نديم بدر قاضي جي بدلي ٿيڻ ڪري ٻڌڻي 4 فيبروري تائين ملتوي

دادو (ن سنڌيار) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي جج نديم بدر قاضي جي بدلي سبب 4 فيبروري تائين ملتوي تفصيل موجب: ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري فريادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي جي انٽر اسڪول ٽيبل ٽينس چيمپيئن شپ مڪلي جي شاگرد کٽي ورتو

چيمپيئن شپ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پبلڪ اسڪول ۾ منعقد ڪئي وئي

راندين جي اسان جي زندگي ۾ انمول اهميت آهي: نظام الدين ڪڏائي

ٺٽو (جاويد ميمڻ) ٺٽي جي انٽر اسڪول ٽيبل ٽينس چيمپيئن شپ 2023 بوائز جو اعزاز گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي جي شاگرد محمد حسن جت کٽي ورتو محمد حسن جت ٽيبل ٽينس ۾ مسلسل ٻيو ٽائيٽل کٽي ورتو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: چيمپيئن شپ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پبلڪ اسڪول ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

پرڪيو ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو

معصوم اٺن ورهين جي نينگري زينب کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو

شهرين سياسي سماجي ڌرين پاران شيخ پرڪيو ۾ ڪتا مار مهم جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو شيخ پرڪيو شهر جي معصوم اٺن ورهين جي نينگري زينب ڌي بابني مڱڻهار تي رولو ڪتن حملو ڪري نينگري کي ڏاڙهي وڌو جڏهن ته شيخ پر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي گڏجاڻي

مانيٽرنگ عملي، ڊي اي او ۽ ٽي اي او، ڪلرڪس کي پي ايم ايس ايپ ۾ شامل ڪيو وڃي

ضلعي جي هر يونين ڪائونسل جي هڪ اسڪول ۾ لائبريري قائم ڪئي ويندي

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن ضلع ٽنڊو محمد خان هڪ اهم اجلاس پ ٽ الف ضلعي ٽنڊو محمد خان جي صدر حاجي شفيع محمد سليو جي اڳواڻي هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وارهه ٻوڏ ۾ لڳل هٽرادو ڪٽ بند نه ٿي سگهيا، انتظاميه غائب

ڪامورا ڪروڙين روپين جا ڪوڙا بل ناهي هڙپ ڪري ويا ڪنهن نوٽيس نه ورتو

مجبورن ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ ڪٽ بند ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيا

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ٻوڏ ۾ لڳل هٽرادو ڪٽ ايريگيشن روينيو کاتو ۽ واپڊا اسڪارپ وارن ڪروڙين روپيا بل ناهي به بند نه ڪرائي سگهيا ڪروڙين روپين جا ڪوڙا بل ناهي هڙپ ڪري ويا ڪنهن به نوٽيس نه ورتو مجبورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهه: ٻوڏ ۾ بند کي ڪٽ لڳايو ويو جيڪو اڃا تائين بند ناهي ٿيو

جوهي واسي نينگر شهباز جانوري سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لا مظاهرو

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف نينگر جا وارث عورتن ٻارڙن سميت پاڪ ڪتاب کڻي انصاف لاءِ پريس ڪلب پهتا

بااثر زاهد باهوٽو هڪ هفتو اڳ 13 سالا پٽ شهباز سان زبردستي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي: وارث

جوابدار بااثر هجڻ ڪري پوليس ڪاروائي نه ٿي ڪري، جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ڏياريو وڃي

دادو (ڊ ر) جوهي شهر جي نيو ڪالوني واسي نينگر شهباز جانوري سان هڪ هفتو اڳ مبينا بدفعلي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف نينگر جا وارث عورتن ٻارڙن سميت پاڪ ڪتاب کڻي انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو: نينگر شهباز جانوري سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لا وارث احتجاج ڪندي

ميرپورخاص ۾ غيرقانوني ڪنڊا ڪنڪشن عروج تي هلڻ لڳا

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص علائقي اسڪيم نمبر 2 نزد واپڊا آفيس اندر جي پول ۾ لڳل غيرقانوني ڪنڊي ڪنڪشن عروج تي هلڻ لڳو ميٽر وارن جي ماڻهن جون واپڊا خلاف دانهو ڪوڪو ٿيڻ لڳيون ميرپورخاص علائقي اسڪيم نمبر 2 جو لائين مين شريف شيخ sdo جو ڪمائو پٽ تڪتو جنهن سڻون جي تعداد ۾ غير قانوني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گلاب لغاري جي صحافين جون علائقي لاءِ خدمتون آهن: محبوب لغاري

اشوز کي هميشا اجاگر ڪري ايوانن تائين ترجيحي بنيادن تي سگهارو آواز بڻجندا رهيا آهن

اميد آهي ته اڳ جيان عوامي امنگن مطابق صحافتي ذميواريون احسن نموني سان نڀائيندا رهندا

گلاب لغاري (رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي لغاري اتحاد پاڪستان تنظيم جي صوبائي صدر سنڌ محبوب خان لغاري (سريوال) پاران مبارڪباد پيش ڪيي وييي تفصيل موجب گلاب لغاري پريس ڪلب جي سال 2023 لاءِ چونڊيل نئين عهديدارن کي ملهه ايسو سي ايشن جي مرڪزي سرپرست اعليٰ ۽ لغاري اتحاد پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين ۾ وڏي وزير پاران مرحوم سيد علي مير شاهه جي وفات تي پوئينرن سان تعزيت

وڏي وزير مرحوم سيد علي مير شاهه جي مغفرت، بلند درجات لاءِ دعائون ڪيون ۽ پوئينرن جي صبر جميل لاءِ دعائون ڪيون

بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙ فرٽيلائزرن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي: سيد مراد علي شاهه جون ڊي سي کي هدايتون

صوبائي وزير سنڌ لوڪل گورنمينٽ ۽ پبلڪ هيلٿ سيد ناصر حسين شاهه صوبائي وزير ۽ ٻيا پڻ گڏ موجود هئا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڳوٺ سيد علي مير شاهه جوٽا تعلقو شهيد فاضل راهو پهچي پراڻي سياستدان مرحوم سيد علي مير شاهه جي وفات تي سندس وڏي پٽ سيد سلمان علي شاهه سان تعزيت ڪئي مرحوم سيد علي مير شاهه جي مغفرت، بلند درجات ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعائون ڪيون ويون ۽ پوئينرن جي صبر جميل لاءِ پڻ دعائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين: وڏو وزير مرحوم سيد علي مير شاهه جي وفات تي پوئينرن سان تعزيت ڪندي

وڳڻ ۾ زرعي دوڪان کي چورن پاران ڪاٽ هڻڻ جي ڪوشش

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ زرعي مرڪز جي دوڪان کي رات جي وقت چورن پاران ڪاٽ هڻڻ جي ڪوشش تفصيل موجب وڳڻ لڳ نصيرآباد روڊ تي قائم زرعي مرڪز جي دوڪان مان رات جي ٽائيم ڪاٽ هڻي چوري ڪوشش ڪرڻ ۾ چور ناڪام ٿي ويا انهي حوالي سان دوڪان جي مالڪ هارس علي وڳڻ ۽ رفار علي وڳڻ ٻڌايو ته صبح سويري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

وارهه ۾ پ پ ش پ جو هڪ اهم اجلاس منعقد

وارهه پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جو هڪ اهم اجلاس

صدر لالا عبدالحفيظ پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري ضمير احمد سولنگي چونڊجي ويا

پ پ شهيد ڀٽو عوامي پارٽي هجن ناتي ڏک ۽ سور ۾ عوام سان گڏ آهي: اڳواڻ

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جو هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ تعلقهلي وارهه جي باڊي جوڙي وئي جنهن ۾ تعلق وارهه جو صدر لالا عبدالحفيظ پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري ضمير احمد سولنگي چونڊجي ويا. اجلاس چيف آرگنائيزر نواب الدين چانڊيو وڪيل صوبائي ڪائونسل ميمبر نياز حسين حيدري ڪليم الله آصف علي بليدي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانواهڻ پرسان 13 ڳوٺن جي 500 ٻوڏ متاثرن ۾ ڪمبل سوڙيون ۽ لويون ورهايون ويون

خانواهڻ پرسان 500 ٻوڏ متاثرن ۾ ڪمبل سوڙيون ۽ لويون تقسيم

سماجي اداري پهل پاڪستان، آءِ او ايم ۽ يو ايس ايڊ جي تعاون سان سامان ورهايو ويو

گرم ڪپڙا، ڪمبل ٽينٽ، ترپالون ۽ ٻيو ضروري سامان پڻ ورهائي رهيا آهيون: اڳواڻ

خانواهڻ (رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان يونين ڪائونسل ڪوڙو خان خشڪ ۾ سماجي اداري پهل پاڪستان، آءِ او ايم ۽ يو ايس ايڊ جي تعاون سان يونين ڪائونسل ڪوڙو خان خشڪ تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز جي 13 ڳوٺن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانواهڻ: ٻوڏ متاثرن ۾ گرم ڪپڙا ورهائڻ جي تقريب منعقد

پڊعيدن جي رهواسڻ مسمات شازيه عباسي پاران پرڻي بعد تحفظ جي گهر

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن ڪجهه مهينا اڳ سکر جي رهواسڻ مسمات شازيه عباسي پڊعيدن جي رهواسي علي رضا عباسي سان 6 نومبر تي مليَر جي ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هئو اڄ ناري مسمات شازيه عباسي قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي تحفظ جي اپيل ڪندي چيو ته آءُ پنهنجي راضي خوشي سان علي رضا عباسي سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽي جي پيرل پياسي ملاح جي ڏاڏي لاڏاڻو ڪري وئي

سندس جنازي نماز ۾ يوسي چيئرمين بابو عبدالعزيز ناهيو ۽ ٻين جي شرڪت

مرحوما کي ڪيس اباڻي قبرستان بابا بولا شاهه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

جنازي نماز ۾ سيد امير شاهه پاڏائي دادا نيزار خواجه نومان خواجه نومان خاصخيلي ۽ ٻين پاران ڏک جو اظهار

ٺٽو (جاويد ميمڻ) ٺٽي ضلعي جي سينئر صحافي تنگر پبلڪ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام الله جي عوامي آواز جي رپورٽر پيرل پياسي ملاح جي ڏاڏي ڪجهه وقت بيماري جي علالت ۾ رهڻ کانپوءِ وفات ڪري وئي آهي جنهن جي جنازي نماز غلام الله شهر ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ يوسي چيئرمين بابو عبدالعزيز ناهيو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ذڪريا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايس ايس پي نوشهروفيروز پي ايس کي روڪ رقم ۽ ايوارڊ سان نوازي ڇڏيو

سڪندر پنهور جي محنت ۽ ايمانداريءَ کي ساراهيندي 200 روپيه روڪ انعام ۽ يادگار سرٽيفڪيٽ ڏيندي شاباس پيش

اسان کي اهڙن پوليس جوانن تي فخر آهي جيڪي عوام جي خدمت ڪرڻ کي عبادت سمجهن ٿا: ايس ايس پي نوشهروفيروز

سڪندر علي پهنور مان اڃا وڌيڪ اميدون آهن ته هو پنهنجي ڊيوٽي فرض شناسيءَ سان ڪري عوام جو ڀرجهلو ٿيندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سينئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي پاران پي ايس نوشهروفيروز جي سڪندر علي پنهور (W.P.C) کي محنت ۽ ايمانداريءَ کي ساراهيندي 200 روپيه روڪ انعام ۽ يادگار سرٽيفڪيٽ ڏيندي شاباس پيش ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي چيو ته اسان کي اهڙن پوليس جوانن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: ايس ايس پي پاران پي ايس کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

موهن دڙو پوليس کان چيڪنگ دوران پسٽل سميت گرفتار ڪيل 2 ڦورو فرار ٿي ويا

ڊوڪري (رپورٽر) گذريل ڏينهن ڏوڪري راڌڻ روڊ تان معصوم پير وٽان نامعلوم چورن فيض محمد جانوري کان هڪ موٽر سائيڪل 50 هزار روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦري فرار ٿي ويا، جنهن بعد موهن جو دڙو پوليس پيري ڪٽن جي مدد سان ٽانڙي ڳوٺ لڳ ڳوٺ بروهن ۾ لڳايا ويا، انهي دوران ٽانڙي ڳوٺ کان ڏوڪري ويندڙ 2 موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ تحريڪ لبيڪ پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

مختلف سياسي، سماجي، مذهبي، شهرين ۽ عالمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سخت مظاهرو ڪيو، نعريبازي

سوئيڊن حڪمرانن قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪري الله ۽ ان جي رسول پاڪ سان اعلان جنگ ڪئي آهي: مظاهرين

مسلمانن جي عزت غيرت ۽ ايمان کي للڪاريو آهي، جيڪا ڪريل حرڪت ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين

دڙو (رپورٽر) دڙو قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ تي دڙو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران دڙو پجاري پل کان سوزوڪي اسٽاپ تائين وڏي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي، مذهبي، شهرين ۽ عالمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اڳواڻن مولوي سليمان مينڊرو، حافظ اعجاز سومرو، مولوي منظور احمد لغاري، حافظ هدايت الله سومرو، مولوي ڏاتي ڏنو جاڪرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 29 جنوري 2023ع

ڪراچي ۾ ڪارخانن جي زهريلي گيس

ملڪ ۾ حادثن، آفتن ۽ ڪنهن به مصيبت ۾ ماڻهن جو مرڻ معمول سمجهيو ويندو آهي. جتي به عام ماڻهو حادثي سبب موت جو شڪار ٿيندو آهي ته ان جي وارثن کي ڪجهه پئسا ڏئي ڏک ونڊيو ويندو آهي ۽ حڪمران ائين محسوس ڪرائيندا آهن ڄڻ انهن وڏو تورو ڪري ڇڏيو هجي. تنهنڪري حادثن جو سلسلو هلندو رهندو آهي ۽ حڪمرانن پاران پئسا ڏئي ڪيس لئي مٽي ڪرڻ جو سلسلو به هلندو رهندو آهي. ملڪ ۾ جيڪي به فيڪٽريون يا ڪارخانا آهن، انهن جي چمنين يا پلانٽن مان جيڪو زهر نڪري رهيو آهي، ڇا حڪومت ڪڏهن ان پاسي ڌيان ڏنو آهي ته ان سان لکين انسان متاثر ٿي رهيا آهن. گهڻو ڪري ڪارخانن ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ ئي ڪونه لڳل هوندا آهن. جنهن ڪري زهريلا مادا نه رڳو پاڻيءَ ۾ شامل ٿيندا رهندا آهن پر اهي انساني صحت لاءِ به هاڃيڪار ثابت ٿي ويندا آهن. جنهن ڪري ڪيترين ئي بيمارين جنم وٺنديون آهن. نتيجي ۾ نه رڳو وڏي انساني آبادي سخت متاثر ٿيندي آهي پر اها موت جي منهن ۾ به هلي ويندي آهي. پاڪستان ۾ ان نوعيت جا واقعا هر سال ٿيندا رهندا آهن. تنهن هوندي به ڪو حل نه ڪيو ويندو آهي پر فيڪٽريون هلنديون رهنديون آهن. جتي پورهيتن کي به ڪو تحفظ ڪونه مليل هوندو آهي. انهن سان ٿيل حادثن جو ڪو ازالو ڪونه ٿي سگهيو آهي. ڪجهه ڏينهن کان هڪ خبر ميڊيا ۾ اچي رهي آهي ته ڪراچيءَ جي علائقي ڪياماڙي ۾ ڪارخانن مان نڪتل زهريلي گيس سبب ڪيترائي ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن.

ڪراچيءَ جي علائقي ڪياماڙي ۾ ڪارخانن مان نڪتل زهريلي گيس ڪيترن ئي ماڻهن جا گهر تباهه ڪري ڇڏيا. ڪياماڙيءَ جي علائقي مواچ ڳوٺ ۾ هڪ هفتي اندر زهريلي گئس سبب 19 ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن، جڏهن ته 50 ٻارن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي، ضلعي جي صحت کاتي جاچ کان پوءِ فوتين جي تصديق ڪئي آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي مختيار علي ابڙي ميڊيا ڳالهائيندي چيو ته فوتين جي رپورٽ تي ڊاڪٽرن جي ٽيم ۽ موبائيل ليب علائقي ۾ موڪلي وئي آهي، جنهن کان پوءِ بخار ۾ ورتل ماڻهن جي رت جا نمونا ۽ ايڪسري ڪڍيا ويا آهن ۽ ڳلي ۾ سور سميت ٻين ماڻهن جا نمونا ليبارٽري ڏانهن موڪليا ويا آهن. ڊي ايڇ او ڪياماڙي ڊاڪٽر محمد عارف جو چوڻ آهي ته فوت ٿيلن ۾ 18 کان 50 سالن جي عمر جا ماڻهو شامل آهن. فوتگيون 10 جنوري کان 25 جنوري تائين ٿيون. سمورن ماڻهن کي دفن ڪيو ويو آهي، پوسٽ مارٽم نه ٿيو آهي. ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪياماڙيءَ ۾ زهريلي گيس سبب فوتگين جو نوٽيس وٺندي ڪمشنر ڪراچي، ڊي جي صحت ۽ ليبر کاتي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. سنڌ جي وڏي وزير ليبر کاتي، صنعت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي واقعي جي جاچ ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. رپورٽن مطابق سنڌ جي وڏي وزير جو چوڻ آهي ته ڪهڙا ڪارخانا نقصانڪار گيس خارج ڪري رهيا آهن؟ انهن ڪارخانن جو ڪڏهن معائنو ٿيو آهي؟ سنڌ جي وڏي وزير متاثر خاندانن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو آهي.

سنڌ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪارخانا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اهي ڪيئن ڪم ڪري رهيا آهن، ان جو رڪارڊ سنڌ حڪومت وٽ ضرور هوندو، پر ڇا حڪومت انهن ڪارخانن جي مالڪن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، هيستائين جيڪي 19 ٻار موت جو شڪار ٿي چڪا آهن، ڇا ان جا ذميوار اهي ڪارخاني جا مالڪ نه آهن، جن جي ڪارخانن مان زهريلي گيس خارج ٿي رهي آهي. هيترن ڏينهن کان اها گيس خارج ٿي رهي آهي ۽ حڪومت جون اکيون هاڻ کليون آهن. جڏهن ته گيس خارج ٿيڻ جو سلسلو اڃا به جاري آهي. ان مان لڳي ٿو ته امڪاني طور اڃا وڌيڪ ٻار ۽ جوان متاثر ٿي سگهن ٿا. ان ڪري رڳو اهو چوڻ ڪافي ڪونهي ته ڪهڙا ڪارخانا زهريلي گيس خارج ڪري رهيا آهن پر انهن خلاف ترت ڪارروائي عمل ۾ آڻڻ ضروري آهي. اسين سمجهون ٿا ته ڪراچيءَ ۾ ان انگ ۾ ٻارن جو مرڻ افسوسناڪ عمل آهي، جنهن جي جيتري مذمت ڪجي سا گهٽ آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪراچي ۾ جيڪي به ڪارخانا بنيادي احتياطن جو خيال نٿا ڪن ۽ احتياطي اپاءَ نٿا وٺن، انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن وڌيڪ انساني جانيون متاثر نه ٿين ۽ ٻارن کي مرڻ کان بچائي سگهجي. سنڌ جي هر ڪارخاني مالڪ کي ان ڳالهه جو پابند بڻايو وڃي ته اهو پنهنجي ڪارخاني ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائيندو ته جيئن گدلاڻ کان بچي سگهجي.

ڪراچيءَ ۾ قسمت سان مليل موقعي کي ضايع نه ڪرڻ گهرجي

پروفيسر محمد صديق انڙ

ملڪ جي مرٽينگ معيشت، بي اصولي جي سياست ۽ منتشر سماج هوندي غريب ته عذاب جي منهن ۾ آهي پر خود حڪومت جي حالت به رحم جوڳي آهي. ڊالر جي ڏاڍن جي شڪست ٿيندي ٿي ڊالر جڏهن ٿي انٽر بينڪ ۾ 262 ۽ کلي مارڪيٽ ۾ 265 کي پار ڪيو ته آءِ ايم ايف به نائين جائزي خاطر اڳاري تي اچڻ لاءِ آماده ٿيو آهي. شهباز شريف جي حڪومت ۽ سندس اتحادين جي ته ڪا ڪل سڌي ڪانهي پر خود ن ليگ به ايم ڪيو ايم وانگر شديد اختلافن ۽ اندروني ڪمزورين جو شڪار آهي. اهڙي وايو منڊل ۾ وفاقي حڪومت پي ٽي آءِ جي ٻن صوبن ۾ حڪومت هوندي ته ڪمزور هئي ساهئي پر ٻنهي صوبن جون صوبائي اسيمبليون ٽٽڻ جهڙي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ مثل خان صاحب جي غلطي جي باوجود (جنهن جو اظهار پرويز الاهي طرفان فواد چوڌري کي پختي پنجابي ۾ غليظ مغلظات بڪڻ مان به ٿئي پيو) به بيانيي جي بنيادي ڪمزوري سبب مرڪزي...

ٽي آءِ، 7 مسلم ليگ، 2 جي يو آءِ ۽ باقي هڪ اڌ ٽي ايل پي ۽ آزاد اميدوارن جي حصي ۾ آيون آهن. 11 سيٽن تي مختلف سببن ڪري چونڊون نه ٿي سگهيون هيون ۽ 6 يونين ڪائونسلز جا نتيجا اڃا تائين تڪراري آهن. جماعت اسلامي توڙي پي ٽي آءِ 15 جنوري واري ڏينهن پنهنجي ڪاميابي جا ڪاغذ پٽ پاڻ تيار ڪري سڀ ڪجهه اڳواٽ طئي ڪريو ويٺا هئا. ڪراچي جي امير جماعت ته 100 سيٽن تي ڌاڙو لڳائي ضد ڪريو ويٺو آهي ته اهو تعداد ڪيئن به ڪري ڪيس پورو ڪري ڏنو وڃي. ٻين جماعتن جي ٻيهر ڳڻپ واري جائز گهر تي به ڪيس اعتراض آهي. پي ٽي آءِ وري 40/50 سيٽن جا نتيجا چئلينج ڪريو ويٺي آهي. مٿان وري نتيجن جي دير سان اچڻ سان جائز ناجائز شڪ به پيدا ٿيا ته حڪومت گڙٻڙ ڪندي هوندي. هنن بلدياتي چونڊن ۾ صرف ڪراچي ۾ ڪل 4990 پولنگ اسٽيشنون هيون. 10629 اميدوار هئا. هر حلقي/ وارڊ ۾...

مضبوط بنائڻ خاطر ميٽروپوليٽن سٽي ۾ شهري حڪومت قائم ڪرڻ جي عملي ڪوشش ٿي، جيئن ته ڪنهن به هڪ پارٽي کي 124 يونين ڪائونسلز جي اڪثريت حاصل ناهي ان ڪري ڪن به ٻن جماعتن کي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻو پوندو. پ پ پ کي جيئن ته سرسي حاصل آهي ان ڪري پهريون حق سندن ٿيندو به هوندو پر ان تي ڳنڍ پڏي ويهڻ سان ڪين ۽ ڪراچي جي عوام کي نقصان رسندو جيڪي اڳ ۾ ئي سيني کان ناراض مخلوق ۾ شامل آهن. جيڪڏهن جماعت اسلامي پي ٽي آءِ سان اتحاد ڪيو ته هڪ ته جماعت جي اعلانيه موقف ۽ نظرياتي ووٽ کي ڌڪ لڳندو پيو ته سنڌ حڪومت کان پي ٽي آءِ جي اتحادي جماعت اسلامي کي ايترو مالي ۽ انتظامي سهڪار نه ملندو جيتري تعاون ۽ ڪم جي هن ڏنڙتل بين الاقوامي شهر کي ضرورت آهي. پ پ پ ۽ پي ٽي آءِ جو اتحاد مرڪز ۾ جاري ڪشمڪش ۽ ٻنهي جماعتن جي اظهاريل نفرت سبب ناممڪن...

وڌندڙ آبادي ۽ بيمارين جو چار

ظفر مرزا

آبادي جي لحاظ کان پاڪستان هن وقت دنيا جو پنجون نمبر وڏو ملڪ آهي ۽ خطرناڪ بيمارين جي حوالي سان پاڪستان هڪ چار ۾ ڦاٿل آهي. ملڪ ۾ انساني صحت لاءِ خطرا تمام گهڻا آهن ۽ اهي جيئن پوءِ ٿيئن اڀارتي آهن. انهن عنصرن جو گڏيل اثر تمام ڏکوئيندڙ آهي. مايوسي واري اهڙي ماحول ۾ جيڪي زميني حقيقتون آهن انهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيدگي جي ضرورت آهي. صحت جي حوالي سان جيڪي انگ اکر آهن اهي اسان کي ڪهڙي به طرح دنيا ۾ سرخرو ڪرڻ جو سبب نٿا بڻجي سگهن. 1947ع ۾ جڏهن اسان کي هڪ آزاد ملڪ ۾ رهڻ جو موقعو مليو ته اسان جي آبادي لڳ ڀڳ 36 ملين هئي جيڪا تيزي سان وڌندي هاڻي وڌي 220 ملين تائين پهتي آهي. جنهن تيزي سان اسان جي آبادي وڌي رهي آهي ۽ حڪومت جون سڀ تدبيرون ناڪام ثابت ٿي رهيون آهن. انهي کي مدنظر رکندي وڏو امڪان آهي ته سال 2050ع تائين يعني ايندڙ 27 سالن ۾ ملڪ جي ڪل آبادي 350 ملين تائين پهچي...

هڪ ڪارڻ ڊسپوزيبل سرنج جو ٻيهر استعمال آهي. پاڪستان ۾ انجيڪشن جي استعمال جا انگ اکر حيران ڪندڙ آهن: دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ انجيڪشن پاڪستان ۾ ڏنيون وڃن ٿيون. يعني هر سال 8_10 انجيڪشن في ماڻهو کي لڳن ٿيون انهن مان 94 سيڪڙو جي ضرورت ئي نه هوندي آهي. انجيڪشن جي وڌيڪ استعمال ۾ اسان وٽ مريض جي نفسيات، عطائين جي ڀرمار ۽ پئسي جي پوڄاري ڊاڪٽرن جي غير اخلاقي ۽ غيرانساني روين جو دخل آهي. پاڪستان ۾ سلهه جي مريضن جو به وڏو تعداد آهي، هر سال ٽي بي جا 510,000 نوان ڪيس سامهون اچن ٿا ۽ لڳ ڀڳ 15,000 مريض دوا خلاف مزاحمتي ٽي بي جو سبب بڻجن ٿا. هڪ اندازي مطابق اسان عالمي سطح تي ڪافي دوائن جي مزاحمتي ٽي بي جي معاملي ۾ چوٿين نمبر تي آهيون. هن وقت پاڪستان ۾ هڪ اندازي مطابق 190,000 ماڻهو ايڇ آءِ وي سان زندگي گذاري رهيا آهن. فلپائن کان پوءِ اسان وٽ ايشيا ۾ ايڇ آءِ وي جي ڪيسن ۾ سڀ کان وڌيڪ واڌ جي شرح آهي. يعني...

بقايا — سنڌيار — 01

